شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي جي ملفوظات جو تحريري گلدستو بنام

# ملازمت جي باري ۾ 15 سوال جواب

سنڌي



ڊيوٽي تي نه وڃڻ ۽ پگهار ڪٽڻ ڪيئن؟

ملازم ۽ سيٺ جا حق

روزي ۾ ملازم سان عام ڏيٺهن وانگر ڪم ڪرائڻ

سرڪاري عهدي واري جي تحفن جو حڪم

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **ملازمت جي باري ۾ 15 سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو سوال جواب تي مشتمل رسالو

# ملازمت جي باري ۾ 15 سوال جواب

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ملازمت جي باري ۾ 15 سوال جواب [1]

**دعاءِ خليفءِ عطار:** يارب المصطفيٰ! جيڪو به هي مڪمل رسالو ”ملازمت جي باري ۾ 15 سوال ۽ جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي حلال روزي ڪمائڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سَحري جي وَقت ڪجھ سبي رهيون هيون، اوچتو هٿ مان سُئي ڪري پئي ۽ چَراغ (Lamp) بہ وسامي ويو. ايتري ۾ رَحمتِ عالم، نورِمجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما ٿيا. نوراني چهري جي روشني سان سڄو گهر روشن ٿي ويو ايستائين جو سُئي ملي وئي. اُمُّ المؤمِنين رَضِیَ اللهُ عَنْهَا عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جو چهرو ڪيترو روشن آهي! سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: وَيلٌ لِّمَنْ لَّا يَرَانِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ. يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. فرمايائون: اهو بَخيل آهي. پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: اَلَّذِی لَا يُصَلِّ عَلَیَّ اِذْ سَمِعَ بِاِسْمِی، جنهن منهنجو نالو ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ

---

[1] هي رسالو امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سان ڪيل سوالن ۽ ان جي جوابن تي مشتمل آهي.

پاڪ نہ پڙهيو. (القول البديع، ص302)

سُوزَنِ گُمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے     شام کو صبح بناتا ہے اُجالا تیرا

(ذوقِ نعت،ص25)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سوال: هڪ شخص سرڪاري ملازم آهي پر ڊيوٽي تي نٿو وڃي ۽ هر مهيني جي پهرين تاريخ تي پگهار بہ کڻي ٿو، ڇا ان جو اِهو طريقو صحيح آهي؟ ۽ هُو انهن پيسن مان صدقو ۽ خيرات بہ ڪندو رهي ٿو ڇا ان جي لاءِ خيرات ڪرڻ جائز آهي؟

جواب: جيڪڏهن هُو ڊيوٽي نٿو ڪري ۽ نڪيءَ سان پگهار کڻي ٿو تہ اها پوري پگهار حرام آهي. (فتاویٰ رضویہ،19/ 407 ماخوذاً، حلال طریقے سے کمانے کے 50 مدنی پھول، ص20-21 ملخصاً) هُو ان مان زڪوات ۽ خيرات بہ نٿو ڏئي سگهي ڇوتہ هي ان جا پيئسا ئي ناهن نہ وري هو ان جو مالڪ آهي، جيتوڻيڪ اهو مال سندس قبضي ئي ۾ ڇونہ هجي، اُن تي واجب آهي تہ اها رقم جتان ڪان ورتي آهي ان اداري کي واپس موٽائي ڏي ۽ ګڏوګڏ توبہ بہ ڪري. (فتاویٰ رضویہ، 19 / 656- 661ملخصاً، ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 395/4)

سوال: نابالغ کان پاڻي ڀرائڻ ڪيئن؟ ڇا اُستاد ان کان پاڻي ڀرائي سگهي ٿو؟

جواب: والدين يا سيٺ جنهن جو هي ملازم آهي ان ڪانسواءِ ڪنهن جي لاءِ نابالغ کان پاڻي ڀرائڻ جائز نہ آهي. (سيٺ بہ صرف اجاري جي وقتن ئي ۾ ڀرائي سگهي ٿو) اُستاد جي لاءِ بہ اهو ئي حڪم آهي تہ نابالغ شاگرد کان پاڻي نٿو ڀرائي سگهي پڻ ان جي ڀريل پاڻي کي

استعمال ۾ به نٿو آڻي سگهي. حضرت علامہ مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: نابالغ جو پريل پاڻي جيڪو شرعي طور ان جي ملڪ ٿي وڃي، ان کي پيئڻ، يا وضو يا غسل يا ڪنهن ڪم ۾ آڻڻ، ان جي ماءُ پيءُ يا جنهن جو اهو نوڪر آهي ان کان سواءِ ڪنهن جي لاءِ جائز نہ آهي، جيتوڻيڪ اهو(نابالغ) اجازت به ڏئي ڇڏي، جيڪڏهن وضو ڪري ورتو تہ وضو ٿي ويندو پر گنهگار ٿيندو، هتان کان استادن کي سبق وٺڻ گهرجي جو اهي اڪثر نابالغ ٻارن کان پاڻي پرائي پنهنجي ڪم ۾ آڻيندا آهن.

(بہارِشریعت،334/1، حصّہ:2، ملفوظات امیراہلِ سنت، 57/1)

**سوال:** ڇا اِهو احتياط ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن سيٺ پنهنجي ملازم کي ڪا سٺي شيءِ ڏي تہ پوءِ ان کان بعد ڪو وڌو ڪم نہ وٺي، نہ تہ اهو سوچيندو تہ ڪو ڪم ڪرائڻو هو تڏهن ئي مون کي اها شيءِ ڏني آهي نہ تہ روز تہ ناهي ڏيندو؟

**جواب:** سيٺ ڪا سٺي شيءِ ڏي يا نہ پر اهو ايترو ڪري سگهي ٿو جو اجاري(يعني نوڪريءَ ۾) ۾ عرف کان هٽي ڪري نوڪر کان ڪم نہ وٺي. عُرف ۾ رهي ڪري وڌو ڪم هجي يا ننڍو اهو تہ سيٺ وٺي سگهي ٿو ڇوتہ اهو انهيءَ جي پگهار ڏئي رهيو آهي. ڪا شيءِ نہ بہ ڏي تڏهن بہ اهو ڪم وٺي سگهي ٿو. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 402/2)

**سوال:** مُلازم جي متعلق دل ۾ تڪبر نہ اچي، ان جو حل ارشاد فرمايو؟

**جواب:** سيٺ ملازم تي شفقت ڪري اُن تي سخاوت ڪري، جيئن عمده ڪپڙا پنهنجي لاءِ ورتا هڪ جوڙو ان کي بہ سبرائي ڏي. اهڙي

طرح عيد جي موقعي تي توري دل کولي ڪري ڏي، جيڪڏهن گهر
چڱي غذا پچائي تہ ان کي بہ پيش ڪري. جنهن ميوي جي موسم
اچي مثلاً انبن جي موسم آهي تہ ان جي پيٽي وٺي ڏي.
عيدالاضحيٰ اچي تہ پاڻ قرباني ڪري ٿو تہ هڪ ٻڪرو ڪٽائي جي
قيمت سميت ملازم کي ڏئي ڇڏي تہ جيئن ان جا ٻار بہ خوش ٿي
وڃن. ان کي ٻڪري جو مالڪ ڪري ڇڏي يا اهو چئي ڇڏي تہ
سرڪار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي طرفان اوهان قرباني ڪري ڇڏجو. اهڙي
طرح شفقت ڏيندا تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ملازم جي متعلق تڪبر ويجهو
بہ نہ ايندو. انسان پنهنجي اولاد سان هن طرح شفقت ڪندو ئي آهي
تہ پنهنجي ملازم سان بہ ڪرڻ گهرجي. نوڪر ويچارو اهڙي خدمت
ڪري رهيو هوندو آهي جو بعض اوقات اولاد بہ اهڙي خدمت ناهي
ڪندو. اها ڳالهہ تسليم آهي تہ مُلازم پيسا وٺي ڪري خدمت ڪندو
آهي پر انسان اولاد کي بہ تہ پيسا ڏيندو آهي. پوءِ اها ڪهڙي ڳالهہ
آهي جو ملازم کي حقير سمجهندا آهن ۽ اولاد کي اکين جو تارو.
صحيح آهي اولاد کي بہ پيار ڏيو، صلہ رحمي سندن حق آهي پر
ملازمن سان بہ سٺو رويو اختيار ڪيو. الله پاڪ اوهان کي صاحبِ
حيثيت(مالدار) بڻايو آهي تڏهن تہ اوهان 10 ملازم رکيا آهن تہ پاڻ
کي انهن جي جاءِ تي رکي ڪري سوچو تہ جيڪڏهن ملازم هجان
ها تہ پاڻ سان ڪهڙي قسم جو رَوَيُّو پسند ڪيان ها؟ جڏهن اوهان
ملازمن جو خيال رکندؤ تہ هي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توهان جي تمام گهڻي
خدمت ڪندا ۽ اهڙي وفاداري جو اظهار ڪندا جو شايد اولاد بہ ايئن
نہ ڪري. اوهان جي لاءِ جان بہ قربان ڪري ڇڏيندا. فرض ڪيو
جيڪڏهن ڪو ملازم بي وفا بہ نڪتو تہ اولاد بہ تہ بي وفائي ڪندو

ئي آهي ۽ پنهنجي والدين کي اولڊ هائوس ڇڏي ايندو آهي، پيسا ڪٽي پڇي ويندو آهي يا والد جي نالي تي قرض ڪٽي پڇي ويندو آهي. اسلامي تربيت نہ هجڻ جي ڪري اولاد بہ ڪيترائي اهڙا ڪم ڪري رهيو هوندو آهي. ديندار گهراڻن ۾ اهڙا واقعا ٻڌڻ ۾ ناهن ايندا پر مادرن ۽ رڳو دنياوي تعليم ڏيڻ وارن دولتمندن ۾ هن طرح جا واقعا وڌيڪ ٿيندا آهن، جيڪي صرف دنياوي تعليم ڏيارين ٿا، غريب ۽ ديني خاندانن ۾ نسبتاً ائين گهٽ ٿيندو آهي.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،404/2)

**سوال:** مان هڪ اداري ۾ ڪم ڪندو آهيان جتي سيٺ جي طرفان مون سميت ڪنهن بہ ملازم کي مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهڻ جي اجازت ناهي، اهڙي صورت حال ۾ جماعت ڇڏڻ جو گناهہ ڪنهن جي ذمي آهي؟

**جواب:** جتي مسجد موجود هجي ۽ جماعت سان نماز پڙهڻ ۾ ڪو شرعي عذر بہ نہ هجي تہ اُتي باجماعت نماز ادا ڪرڻ واجب آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪو سيٺ پنهنجي ملازمن کي باجماعت نماز پڙهڻ کان روڪيندو تہ اُهو ۽ جماعت ڇڏڻ وارا ملازم سڀئي گنهگار ٿيندا ۽ اهڙي ملازمت ڪرڻ بہ جائز نہ ٿيندي. ڪجهہ جڳهيون اهڙيون هونديون آهن جتي ميلن تائين مسجدون ئي ناهن هونديون، تہ اهڙن هنڌن تي جماعت واجب ناهي ٿيندي. البتہ اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن سيٺ نماز پڙهڻ کان روڪيندو هجي جنهن جي سبب **مُلازم نماز نہ پڙهندا هجن تہ اهڙي نوڪري ئي جائز ناهي.**

(جہنم کے خطرات،ص192، ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 355/3)

**سوال:** آفس جون شيون جهڙوڪ پرنٽر ۽ فوٽو ڪاپي مشين وغيره

کي جيڪڏهن ڪو مُلازم پنهنجي ذاتي استعمال ۾ آڻڻ چاهي ته ڪنهن ڪان اجازت وٺڻ ضروري ٿيندي؟

جواب: جيڪڏهن وقف ڪيل شيون آهن ته پوءِ ڪنهن ڪان اجازت وٺڻ ڪافي نه آهي ۽ جيڪڏهن اهي پرائيويٽ آهن ته اصل مالڪ يا جنهن شخص کي هن پنهنجو نمائندو ۽ مجاز بڻايو آهي ان جي اجازت سان استعمال ڪري سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن اصل مالڪ جي طرفان منيجر ۽ ٻين اهڙن اعلي آفيسرن کي ننڍين ننڍين شين جا اختيار ڏنا ويندا هوندا تنهنڪري، جيڪڏهن انهن کي اختيار ڏنل آهن ته انهن جي اجازت سان استعمال ڪري سگهو ٿا نه ته استعمال ڪرڻ جي اجازت ناهي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 362/3)

سوال: اَڄڪلهه اڪثر ملازمن سان سُٺو سُلوڪ ناهي ڪيو ويندو، سيٺ ڪنهن به معاملي ۾ ساٿن تعاون ناهن ڪندا ۽ جيڪڏهن ملازم کي ڪو مسئلو هوندو آهي ته هُو حل ناهن ڪندا. ايئن ملازم وڏي ڏکيائي کي منهن ڏئي رهيا هوندا آهن، ملازمن جي حقن جي حوالي سان ڪجهه راهنُمائي فرمائيندا.

جواب: مُلازمن جا به حقوق آهن ۽ سيٺ جا به حقوق آهن. ڪڏهن ڪڏهن سيٺ مُلازمن تي ظلم ڪري رهيو هوندو آهي ۽ جيڪڏهن مُلازم اهڙو آهي جو جنهن جي سيٺ کي محتاجي آهي، جيئن ته ڪجهه مُلازم اهڙا پاورفل هوندا آهن جو ڪاروبار سنڀالڻ جا ماهر هوندا آهن ۽ انهن کي تمام رستن جي خبر هوندي آهي، ايئن هُو نهايت قيمتي هوندا آهن ۽ سيٺ کي هلائي رهيا هوندا آهن ته اهڙا ملازم بعض اوقات سيٺ کي رانديڪو بڻائي ڪيڏندا آهن لهٰذا ٻنهي

طرفان جيڪو بہ ظلم ڪندو اهو گنهگار ٿيندو. گهڻو ڪري سيٺن جي شڪايت ڪئي ويندي آهي تہ هي ظلم ڪن ٿا پر هر سيٺ ايئن ناهي هوندو بلڪہ ڪجهہ سيٺ اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي مُلازمن کي اولاد جيان رکندا آهن ۽ انهن سان حسن سلوڪ سان پيش ايندا آهن. مُلازم کي بہ گهرجي تہ سيٺ سان حسن سُلوڪ ڪري، وقت تي ان کي ڪم ڪري ڏي ۽ ان جي مال، آل اولاد ۽ گهر ۾ خيانت نہ ڪري. جيڪڏهن مُلازم جو ڪردار سٺو هوندو تہ سيٺ ازخود ان سان چڱو رويو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو. عام طور تي تاڙي ٻنهي هٿن سان وڄندي آهي، بهرحال سيٺ کي گهرجي تہ اهو مُلازم جو خيال رکي، ان کي وقت تي پگهار ڏي ۽ پگهار جي لاءِ ڌڪا نہ کارائي مثلاً سياڻي يا پرهينءَ ڏيندس، چئي ڪري ويچاري کي تنگ نہ ڪري. جهڙي طرح اسان وٽ پهرين تاريخ تي پگهار ڏيڻ جو عُرف آهي تہ پهرين تاريخ تي پگهار ڏي. ياد رهي! جيڪي گهٽ پگهار وارا ملازم هوندا آهن مهيني جي آخري تاريخن ۾ انهن جي پگهار ختم ٿي ويندي آهي ۽ انهن تي قرض چڙهي ويندو آهي لهٰذا سيٺ احسان ڪرڻ چاهين تہ پهرين تاريخ کان بہ ڏينهن پهريان انهن کي پگهار ڏئي ڇڏين تہ جيئن هي ويچارا پنهنجا قرض وغيره لاهي سگهن پر ايئن ڪرڻ سيٺن جي لاءِ لازم نہ آهي. انهيءَ طرح سيٺن کي گهرجي تہ عيد ۽ شادي مرادي جي موقعي تي ملازمن کي تحفا ڏين تہ جيئن سندن دل خوش ٿي، هي ڏيڻ جيتوڻيڪ فرض ناهي جو جيڪڏهن نہ ڏيندا تہ گنهگار ٿيندا پر پوءِ بہ ڏيندا رهن. ايئن ئي سيٺ جي گهر ۾ ڪا چڱي شيءِ پچي تہ اها ملازم کي بہ کارائي جو هن طرح ڪرڻ سان مُلازم ازخود وفاداري ڪندو ۽ سيٺ جي

مَحبت سندن دل ۾ گهر ڪري ويندي. جيڪڏهن سيٺ ۽ ملازم هڪ ٻئي سان حُسن سلوڪ ڪندا تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان جو معاشرو صحيح ٿي ويندو ۽ ان سان ظلم جو خاتمو ٿي ويندو.

( ملفوظات امير اہل سنّت، 506/3)

**سوال:** مان پريس جو ڪم ڪندو آهيان، اسان وٽ عام طور تي پرنٽنگ ايجنسين وارا پنهنجون پليٽون ڇڏي ويندا آهن ۽ اسان اهو لکي ديوار تي لڳائي ڇڏيو آهي تہ ”15 **ڏينهن ڪان بعد اسان ذميوار نہ هونداسين.**“ ان جي باوجود بہ اسان اخلاقي طور تي مهيني ٻہ مهيني تائين پليٽون سنڀالي رکندا آهيون ۽ ان کان پوءِ اسان انهن پليٽن کي ضايع ڪري ڇڏيندا آهيون يا وڪڻي ڇڏيندا آهيون. اهو ارشاد فرمايو تہ اسان جو انهن پليٽن کي وڪڻڻ ڪيئن آهي ۽ پليٽون وڪامجي وڃڻ کان بعد پليٽن جي تقاضا ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** اوهان جي ڳالهين مان ايئن لڳي رهيو آهي تہ پليٽون واپس ونڻ ۽ ڏيڻ جو عرف آهي، اهڙي صورت ۾ اوهان جو هي چوڻ تہ ”15 ڏينهن کان پوءِ اسان ذميوار نہ هونداسين“ اها شرط شرعي طور غلط آهي. جنهن جون پليٽون آهن ان کي واپس ڏيڻيون پونديون، چاهي اهو 15 ڏينهن کان بعد اچي، مهيني کان بعد اچي يا 100 سالن کان پوءِ اچي، چوتہ هو پنهنجي شيءِ جي مطالبي جو حق رکي ٿو ۽ پنهنجي شيءِ گُهري سگهي ٿو. هن جو حل اهو آهي تہ جن جون پليٽون آهن انهن کي فون ڪري ٻڌايو وڃي تہ ”اوهان جون پليٽون رکيل آهن، ڪٺي وڃو.“ يا جيڪڏهن ان جو گهر ويجهو آهي تہ ڪنهن مُلازم جي ذريعي پليٽون اتي پهچايو، چوتہ اوهان جي لاءِ

هي پليٽون رکي ڇڏڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ جائز ناهي. باقي جيڪڏهن پليٽن جو مالڪ چئي ته ته ”مون کي پليٽون نه گهرجن، اوهان رکي ڇڏيو.“ پوءِ ته اوهان جو ونڻ ۽ استعمال ڪرڻ جائز ٿي ويندو.

( ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 64/5)

**سوال:** واپار ڪرڻ وارن ڪجهه ماڻهن کي جيڪڏهن هي چيو وڃي ته اوهان پنهنجي ڪاروبار جي باري ۾ شرعي راهنمائي ونو يا دارالافتاء هليا وڃو ته چوندا آهن ته ”نه اسان ڪوڙ ڳالهايون ٿا ۽ نه ئي ڪنهن جا پيسا ڪائون ٿا، پوري زڪوات به ادا ڪندا آهيون، انهيءَ ڪري اسان کي شرعي راهنمائي ونڻ جي ضرورت ناهي.“ هن باري ۾ اوهان ڇا فرمايو ٿا؟[1]

**جواب:** جيڪڏهن مان چوان ته ”هن دور ۾ 99.9 فيصد واپاري اهڙا آهي جن کي ڪاروبار جي مسئلن جي خبر ئي ناهي“ ته شايد هي مبالغو نه ٿيندو. صرف ڳالهيون ڪري رهيا هوندا آهن ته ” اسان ته رڳو الله ڪري رهيا آهيون. اسان کي وڌيڪ لالچ ناهي، اسان صرف ٻارن جي لاءِ روزي ڪمايون ٿا“ حالانڪ ڪمائي ڪمائي پنهنجا اڪائونٽ ڀري رهيا هوندا آهن ۽ انهن کي خبر به ناهي پوندي. هي سمجهي رهيا هوندا آهن ته”مون ڪهڙي شراب جي دڪان کولي آهي! يا مان ڪهڙو وياج جو ڪم ڪيان ٿو!“ حالانڪ ڳالهه ڳالهه تي ڪوڙ ڳالهائي رهيا هوندا ۽ دوکو ڏئي رهيا هوندا آهن. انهن شين کي هي Serious (سنجيده) ئي ناهن ونندا، هي سمجهندا آهن ته ”ڪاروبار ۾ اهو سڀ هلندو آهي، هنن شين جي بغير ڪاروبار ڪيئن ٿيندو! ڪوڙ نه ڳالهايو ته شيءِ وڪامندي ئي

1 هي سوال شعبه ملفوظات امير اهل سنت قائم ڪيو آهي جڏهن ته جواب امير اهل سنت جو ڏنل آهي.

ناهي“ نَعُوذُبِاللّٰه! هي شيطان جو ٺاهيل ذهن آهي. جڏهن هي حال هوندو تہ برڪت ڪيئن ايندي؟ نمازن ۾ دل ڪيئن لڳندي؟ خشوع و خضوع ڪيئن ايندو؟ رِقّت ڪيئن ايندي؟ گناهن کان نفرت ڪيئن ٿيندي؟ جيڪي ڪاروباري حضرات ٻڌي رهيا آهن اُهي ”دارالافتاء اهل سنت“ کان پنهنجي ڪاروبار جي تفتيش ڪرائين، ان جي لاءِ باقاعده حاضر ٿيڻو پوندو، يا جيڪڏهن حاضر ٿيڻ ممڪن ناهي تہ انٽرنيٽ وغيره جي ذريعي ئي رابطو ڪن ۽ پنهنجي ڪاروبار جي شرعي راهنمائي وٺن. ان جي بغير پنهنجي ٻارڇن کي حلال روزي ڪارائڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مون بلڪل صاف ۽ عام ڳالهہ ڪئي آهي، ڪنهن جي ڪاروبار تي ڪو حڪم ناهي لڳايو. سيني کي مسئلا سکڻ گهرجن. مُلازم آهيو تہ ملازمت جا ۽ سيٺ آهيو تہ مُلازم رکڻ ۽ سيٺ ٻڻجڻ جا مسئلا سکڻ فرض آهن.(فتاوىٰ رضويہ، 623-626/23ملخصاً) جيڪڏهن هي چوندا تہ ”يار! اسان هن چڪر ۾ ناهيون پوندا“ تہ قيامت جي ڏينهن بہ چئي ڇڏجو تہ”اسان هن چڪر ۾ ناهيون پوندا.“ نَعُوذُبِاللّٰه! ڪٿي ايئن نہ ٿي جو جهنم ۾ وڃو وڃي. جڏهن اسان دنيا ۾ آيا آهيون ۽ اَلحَمدُلِلّٰه! مسلمان آهيون تہ اسان کي اللّٰه ۽ ان جي رسول جا احڪام مڃڻا ئي پوندا، ان جي بغير ڇوٽڪارو ناهي. جيستائين ڪوشش نہ ڪندا تہ ڪجهہ نہ ٿيندو. اللّٰه ڪريم اسان کي ڪوشش ڪرڻ وارو ٺاهي. ( ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 75/5)

**سوال:** ملازمن سان مالڪ روزي جي حالت ۾ عام ڏينهن وانگر ڪم وٺندو هجي، احسان تائين نہ ڪندو هجي تہ اهڙي صورت ۾ مُلازمن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** مالڪ پنهنجي مُلازمن کي روزي جي حالت ۾ رعايت ناهي

ڏيندو ۽ پورو ڪم ونندو آهي تہ مالڪ کي ايئن ڪرڻ جي بجائي روزيدار سان احسان ڪرڻ گهرجي.[1] بهرحال ڪم جي وجھ سان روزو معاف ٿي وڃي يا قضا ڪرڻ جائز ٿي ايئن نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن روزي جي حالت ۾ ڪم نٿو ڪري سگهي تہ ڪنهن بي روزيءَ جو سبب تلاش ڪيو پر ڪم جي وجھ سان هڪ بہ روزو ڇڏي نٿا سگهو ۽ نہ ئي قضا ڪري سگهو ٿا. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 309/6)

**سوال:** ڪجھ والدين ٻارن جي اسڪول کان موڪل ٿيڻ جي صورت ۾ انهن کي مارڻ کان ۽ نمبر ڪٽجڻ کان بچائڻ جي لاءِ ڪوڙي درخواست لکي موڪليندا آهن ۽ واقفڪارن کان پڻ ڪوڙا سرٽيفڪيٽ نهرائي ڏيندا آهن. ايئن ئي آفيسن ۽ ڪمپنين ۾ ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن مُلازم کي موڪل وٺڻي هوندي آهي تہ هُو بيماريءَ جي ڪوڙي درخواست موڪلي ڇڏيندو آهي. ڇا هن طرح درخواست ڏيڻ وارن کي بہ هن حديث پاڪ" ڪوڙا بيمار نہ ٿيو نہ تہ واقعي بيمار ٿي ويندؤ (مسند الفردوس، 421/2، حديث: 7624) کان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** جيڪي والدين يا مُلازم هن طرح ڪن ٿا اُهي ڪوڙ ڳالهائي گنهگار ۽ جهنم جي عذاب جا حقدار ٿيو رهيا آهن. جيڪي والدين هي چئي رهيا آهن تہ "ٻار بيمار هئا" حالانڪ انهن کي خبر آهي تہ ٻار بيمار نہ هئا بلڪ مهمان ٿيو حلوو کائڻ ويا هئا. ايئن ئي بيماريءَ جي ڪوڙي درخواست ڏئي ڪري موڪل وٺڻ وارو ملازم

---

[1] حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو هن مهيني (يعني رمضان) ۾ پنهنجي غلام کان گهٽ ڪم وٺي الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو ۽ جهنم کان آزاد فرمائي ڇڏيندو. (شعب الايمان، 305/3، حديث:3608، ابن خزيمہ، 192/3، حديث:1887)

بہ گھمڻ ويو هوندو. ياد رکو! بيمار ٿيڻ برو ناهي بلڪ بيماري تہ رحمت آهي، باقي ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ آخرت جو عذاب آهي. پڻ هي گناهہ جو مرض جسماني بيماريءَ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي تنهنڪري والدين ۽ مُلازمن تي توبہ ڪرڻ واجب آهي. جيڪو مُلازم ڪوڙ ڳالهائي ڪري موڪل ڪري رهيو آهي ان جي پگهار تہ بيماريءَ سبب موڪل ڪرڻ تي ڪٽجندي هوندي. (ان موقعي تي نگرانِ شوريٰ فرمايو:) پرائيويٽ ڪمپنين جو معاملو الڳ هوندو آهي. جڏهن تہ اسان وٽ وقف جا مسائل آهن. اللّٰه پاڪ اسان جي مفتين سڳورن کي سلامت رکي انهن جي راهنمائي ۾ اسان هڪ اجارو فارم ٺاهيو آهي. جنهن ۾ اوور ٽائيم، ڪٽوتي ۽ ليٽ منٽن وغيره جو انتظام تهيل آهي. اسان وٽ اجيرن جو اهڙو نظام آهي جو جيڪڏهن ڪو تمام وڏي انڊسٽري ۽ فيڪٽري وارو بہ ان کي ڏسندو تہ اهو چوندو تہ واقعي دعوت اسلامي جي شعبن ۾ اجيرن جو هڪ مثالي نظام آهي. جوتہ اسان وٽ جيڪو بہ اجيرن جو نظام آهي اهو شرعي قانون جي مطابق آهي اهو ئي سبب آهي جو اسان جو هي نظام ڪيئي اجيرن ۽ اِدارن جي بچت جو ذريعو آهي. (امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمايو:) بيمار ٿيڻ کان بہ بچندو ۽ معمولي بيماري ۾ بہ ڪٽوتي کان بچڻ جي لاءِ نوڪري تي ايندو. ياد رکو! شرعي قوانين تي عمل ڪرڻ ۾ برڪت آهي. ( ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،35/7)

**سوال:** ”سَنَد ۽ تجربي“ ۾ ڪهڙي شيء وڌيڪ اهم آهي؟ پڻ هي بہ ارشاد فرمايو تہ جنهن وٽ تجربو ۽ هُنر آهي، پر ان وٽ تعليم ناهي، ڇا ان کي ”پڙهيو لکيو“ چيو ويندو؟

**جواب:** ان جون مختلف صورتون آهن: (1) ڪنهن وٽ علم ۽ تجربو

ٻئي هجن تہ اهڙو ماڻهو وڏيڪ ڪامياب ٿيندو آهي. (2) ڪنهن وٽ صرف علم آهي هُنر يا تجربو ناهي تہ اهڙو شخص عام طور تي تجربو نہ هجڻ جي ڪري وڏيڪ ڪامياب ناهي ٿي سگهندو. ڪيئي هنڌن تي تجربي جي بنياد تي مُلازمت ڏني ويندي آهي ايستائين جو سند (سرٽيفيڪٽ) بہ گهريو ويندو آهي جنهن سبب تعليم يافتہ ناتجربيڪار شخص بي روزگار رهجي ويندو آهي. جڏهن تہ گهٽ پڙهيل لکيل تجربيڪار شخص روزگار سان لڳي ويندو آهي.

ياد رکو! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم ڪثير علم وار ا هئا پر انهن وٽ مروجہ سَند(اڄوڪي دور جيان سرٽيفيڪٽ) نہ هئا، لھٰذا علم هجڻ گهرجي، ڇوتہ سند تہ نقلي بہ ٺهجي سگهي ٿي، ممڪن آهي ان جي ذريعي علم نہ هجڻ جي باوجود بہ نوڪري ملي وڃي، پر تجربو نقلي نٿو ٿي سگهي، ڪيترائي تعليم يافتہ بي روزگاري جي ڪري خودڪشي ڪري وٺندا آهن، پر تجربو رکندڙ بي روزگار ناهن رهندا. ( ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،419/7)

**سوال:** ڇا آفيس وڃڻ جي لاءِ روزي ۾ ڏاڙهي ڪوڙائي سگهان ٿو؟

**جواب:** ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مٺ کان گهٽائڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص 141۔ فتاوی ٰرضویہ، 505/6) رمضان المبارڪ ۾ روزي جي حالت ۾ هي ڪم ڪرڻ تہ ويتر برو آهي، البتہ ان جو فرض روزو ادا ٿي ويندو پر گناهہ ڪرڻ سان روزي جي نورانيت ختم ٿي ويندي آهي. (فتاویٰ رضویہ، 556/10) گناهہ جون هلاڪتون تمام گهڻيون آهن ۽ خاص ڪري رمضان المبارڪ ۽ روزي ۾ گناهہ ڪرڻ جي باري ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جنهن رمضان ۾ ڪو گناهہ ڪيو تہ الله پاڪ ان جي هڪ سال جا اعمال برباد فرمائي ڇڏيندو. (معجم اوسط، 414/2، حدیث:3688) لھٰذا انسان نہ رمضان المبارڪ

۾ گناھ ڪري ۽ نہ رمضان کان علاوه. ياد رکو! اھڙي نوڪري شرعي طور جائز ناھي جنھن ۾ اھو شرط ھجي تہ روز ڏاڙھي ڪوڙائي اچڻو آھي يا ڏاڙھي رکڻ جي اجازت ناھي تنھنڪري اھڙي نوڪري کي ڇڏي ڪري ٻئي نوڪري اختيار ڪيو. (فتاویٰ بحر العلوم، 311/1)

اھو شرعي مسئلو آھي جيڪو مون بيان ڪيو آھي اوھان ڪنھن عالمِ دين ۽ مفتي صاحب کان پڇندا تہ اھو بہ منھنجي ڳالھ جي تائيد ڪندو. (ملفوظات اميراہل سنّت، 39/7)

**سوال:** مون وٽ ھڪ موٽر سائيڪل آھي جنھن ۾ پٽرول ڪمپني وجھرائي ڏيندي آھي، ڇا ھن موٽرسائيڪل کي مان گھر جي ڪم ڪار ۾ استعمال ڪري سگھان ٿو پڻ ڇا منھنجا ڀائر ھي موٽر سائيڪل ھلائي سگھن ٿا؟

**جواب:** جنھن ڪمپني طرفان اوھان کي موٽرسائيڪل ڏني وئي آھي جيڪڏھن اھا پرائيويٽ ڪمپني آھي ۽ موٽر سائيڪل کي گھريلو ڪم ڪار ۾ استعمال ڪرڻ جي اجازت بہ مليل آھي تہ ان کي استعمال ڪري سگھجي ٿو، پر جيڪڏھن اوھان جي سرڪاري نوڪري آھي يا ڪمپني جي طرفان گھريلو ڪمن ۾ استعمال جي اجازت ناھي تہ جيترو عرف ھجي اوترو ئي استعمال ڪري سگھو ٿا، پر ھي نھايت مشڪل آھي جو ڪا ڪمپني ائين چئي تہ" **اوھان جا ڀائر ۽ دوست بہ ھي موٽرسائيڪل استعمال ڪري سگھن ٿا.**" ڪمپني جي موٽرسائيڪل کي گھريلو ڪمن جي لاءِ استعمال ڪرڻ ۾ ڪيترو عرف آھي ان جي باري ۾ مفتي صاحب راھنمائي فرمائيندا.

(ان موقعي تي مفتي صاحب فرمايو:) ڪڏھن ڪڏھن ڪمپني جي

طرفان مڪمل اجازت هوندي آهي ته جنهن ڪم ۾ چاهين استعمال ڪن فرض ڪيو موٽر سائيڪل تي گهڻو ڪم هوندو آهي ته تڏهن به انهن ئي ڪي پٽرول پراڻٽو پوندو، جيترو مهيني ۾ استعمال ڪري ۽ چاهي ڪنهن به مقصد ۾ استعمال ڪري بعد ۾ ڪمپني ڪيس اوتري ئي رقم ڏئي ڇڏيندي. بهرحال جيئن قانون هوندا انهيءَ مطابق عمل ڪرڻو پوندو. (ملفوظات امير اہل سنّت، 87/7)


**سوال:** هڪ ماڻهو سرڪاري پوسٽ تي آهي ۽ ماڻهن کان ان جا ذاتي تعلقات تي ويندا آهن ۽ اُهي ماڻهو تحفا ڪٺي ايندا آهن ته ڇا هن صورت ۾ تحفا قبول ڪرڻ رشوت جي حڪم ۾ ايندو؟

**جواب:** اگي ئي تعلقات ۽ تحفن جو ڏيڻ وٺڻ هو ۽ هاڻي ان کي سرڪاري نوڪري ملي وئي ۽ ان کان ڪم ڪرائي سگهجي ٿو، يعني جيڪڏهن هن وٽ ڪنهن قسم جي طاقت ۽ اختيار آهي ته هاڻي به اگي وانگر نارمل ڏيڻ وٺڻ آهي ته هي هلي ويندو. (بہار شریعت، 901/2، حصہ: 12) البته جيڪڏهن ان جي ذريعي سان پنهنجو ڪو ڪم ڪرائڻو آهي ته هاڻي پراڻي طريقي جي مطابق به ٽيڻ واري تحفن جو ڏيڻ وٺڻ رشوت ۾ هليو ويندو. (بہار شریعت، 901/2، حصہ: 12) انهي طرح جيڪڏهن عهدي جي ڪري ڏيڻ وٺڻ جو سلسلو وڌي ويو، ڏيڻ واري شيءِ جي قيمت وڌي وئي، سائز وڌي وئي ۽ مقدار وڌي وئي ته هاڻي هي زائد حصو رشوت آهي. (بہار شریعت، 900/2، حصہ: 12) ها جيڪڏهن هي شخص مالدار تي ويو انهيءَ ڪري آئٽم وڌائي ڇڏيا ۽ طعام وڌائي ڇڏيا ته ان جو حڪم الڳ آهي(يعني قبول ڪرڻ ۾ حرج ناهي). (بہار شریعت، 900/2- 901، حصہ: 12) ايئن ئي هاڻي ان جي خصوصي دعوت ڪرڻ

تہ جيڪڏهن هي نہ اچي ها تہ دعوت ئي نہ ٿي ها، تہ جيتوڻيڪ ان جي وجھ سان ہ چار ٻين کي بہ دعوت ڏئي ڇڏي تڏهن بہ هي خصوصي دعوت رشوت جي حڪم ۾ داخل آهي. (بہار شريعت، 900/2- 901، حصہ: 12) البت مطلقاً جيڪي دعوت هوندي آهي اها رشوت ناهي هوندي جيئن ماتحت جي طرفان شادي جي دعوت آئي ۽ اوهان ان ۾ هليا ويا. هن ۾ بہ جيڪڏهن عام مهمانن کي سادو طعام ۽ آفيسر، نگران يا وڏي عهديدارن کي اسپيشل طعام پيش ڪيا ويا تہ هي اسپيشل طعام رشوت ۾ شمار ٿيندا. جيڪو سيني کي کارايو وڃي پيو جيڪڏهن اهو ئي آفيسر يا نگران کي بہ کارايو تہ رشوت ناهي. (ملفوظات امير اہل سنت، 87/7)

پيارا اسلامي ڀائرو! جنهن کي ملازم رکڻو آهي ان کي ملازم رکڻ جا ۽ جنهن کي ملازمت ڪرڻي آهي ان کي ملازمت ڪرڻ جا ضروري احڪام ڄاڻڻ فرض آهن. جيڪڏهن حسبِ حال نہ سکندو تہ گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار ٿيندو ۽ نہ ڄاڻڻ جي ڪري باربار گناهن ۾ مبتلا ٿيڻ وڌيڪ ان کان علاوہ. هن حوالي سان وڌيڪ معلومات جي لاءِ امير اهل سنت جي رسالي حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 مدني گل ۽ ”بهار شريعت“ جلد 3 صفحو 104 کان 184 ”اجاري جو بيان“ پڙهي وٺو.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net